Abdur Rahim Junejo 1946 letter 2 pages card 1952 after February 4 pages

دام لطفه (٤٨٦) 4-9-46

عبدالرحيم
فقير

برادر محترم صاحب اخوي حبيبا غلام قادر صاحب
بعد السلام عليڪم جي واضح هجي ته طرف هن
غلام جي هر طرح خيريت آهي ۽ عافيت اوهان صاحبن جي ميلاپ جي
مشغول - مطلب ته اوهان جو ڪاغذ لکيل 12 8/46 جو اڄ منهنجي
تاريخ ۴ مليو پڙهي خوش ٿيس الحمدلله آئون ٺيڪ ٺاڪ
ڪاڻ نه وساريندا ته ڏاڍو احسان - احوال عرض ته ادا سائين
منهنجو ڪاغذ 16 6/46 جو اوهان ڏي لکيو هو سو ملي اٿو جواب
پر نه مليو آهي ان ڪاڻ ڪيئي ڏينهن مون کي ڏاڍو ڏک هو
پڇيندا آهن پوءِ خبر نه آهي ته ڇو نه اوهان کي مليا ڪف
هاڻي ڏهه ڏينهن ڪار [illegible] ڪتيل ڪو [illegible] منهنجو عرض ته
ڪاڻ ته ادا سائين آءٌ خوش ٿيندو ڪو ڪيائين ڪوه
فقير نه ڪندا آهي جا آفيسر سائين [illegible]
46
ڏسي ڪو ڏيکاريائين ته اوهان 9 مهينه پڇيا 10 مهينه
اندر هنر لاءِ سنڌ واپس ويندا اليو ڪٿي پر [illegible] هوندي
ڪن اها خبر نه آهي ادا سائين الله خير ڪندو ته خاص
جلد اچي ملنداسين - اچڻ وقت اميد ته اوهان تي الطاف
ڪندا انهي پيرا اچي ملنداسين ڪو [illegible] آهي احوال ڏيندا
ته عبدالعزيز ڏاڍو [illegible] ڪو [illegible] آهي [illegible]
آهي احوال [illegible] ڏيندا - عبدالحي جا سلام منهنجا
آيا آهن مون به [illegible] ڪاغذ لکيو آهي انهي جو
اجا تائين ڪو ملي اهي جنهن ملندو ته اوهان ڏي لکندس



[illegible]

4 pages letter after 1952 February

۽ وڌائڻ ۽ جماعتي فيصلا فقيرن وٽ وڌائڻ ۽ جماعت جي ڪيل فيصلن ۾ رنڊڪون
وجهڻ ۽ بي بنياد ڳالهيون مشهور ڪرڻ ۽ جماعت مان درگاهه جي نالي اڳاٽ لوڻ ڪري
پنهنجي واپار جهڙو پئسا ڪمائڻ ۽ درگاهه ۽ جماعتي رکيل امانتون غصب ڪرڻ وغيره -

٤- هن جماعت جي ڪمن ۾ ڪابه دلچسپي وٺي وارا ۽ زميندارن جي ڪمن ۾ ٻڌل ويٺا آهن -
۽ انهن کي روز بروز وڌائڻ جي ڪوشش ۾ آهن - هنن جو پنهنجو وقت پنهنجن ڌنڌن ۽
ڪمن ۾ لڳل رهندو آهي ته پوءِ صاف ظاهر آهي ته جماعت ۽ درگاهه جي خدمت ۽ جماعتي نظام
کي برقرار رکڻ ۽ وڌائڻ لاءِ باقي وقت هنن کي ڪٿان ايندو - اگر ڪو جماعتي ساٿي هنن کي
وڃي ٻڌائي آڏي جي لاءِ چوي ته جواب ۾ چون تا ته اول خويش پوءِ درويش -

٥- اهي نڪه ماڻهو ڪڏهن ڪي مڃن ته جماعت جي هدايت ۽ نصيحت ڪن ته الله پاڪ جي
عبادت ۽ اتفاق ۽ جماعتي محبت - ڪانه جماعت ۾ رهي ڪري پاڻ کي ناواقف رکيو آهي -
هنن ايڏو ساري جيئن پوءِ ڪهڙي ته هو درگاهه جي خاطر ڪانه مقرر ڪيا ويا آهن ته جماعت جي خدمت ڪن ۽
نه جماعت کي اهڙيون شيون ياد ڏيارڻ جي ڪوشش ڪن جهڙي هن درگاهه جا احڪام مرشدن
۽ معتقدن لاءِ جاري ڪيل آهن -

٦- هو اهي سمجهڻ لڳا آهن ته مڪاني ڀائي جي مرڻ کان پوءِ پٽ کي ضرور ملندا
گهر جي جوءِ پٽ تان اڳتي ۽ احمق هجي هنن ايڏو ساري جيئن پوءِ آهي ته هنن کي پنهنجي
فرزند کي اڳين لسڪ جي گهر جي جنهن هن درگاهه جي پيڙهه رکي ان خدا جي عبادت ۽ جماعت
جي بهبودي ۽ خدمت گذاري ۾ بسر ڪئي هئي - آخر ڪڏهن درگاهه جي پاران درگاهه جي
سجاده نشين جا جماعت لاءِ مقرر ڪيل عيوضي آهن - هنن کي ياد رکڻ گهرجي
ته هنن جي عزت هن درگاهه جي عيوضي هئڻ جي ڪري ئي آهي - نه ته هنن کان ڪو ڏا
زمين

بسم الله الرحمٰن الرحيم

السلام عليڪم - اڄ گهڻي عرصي کان پوءِ توهان ماڻهن سان سٺي طرح ڳالهائي رهيو آهيان مان
٤ - فيبروري ٥٢ع کان اڄ ڏينهن تائين جماعت جي حالات کان واقف ٿين جي ڪوشش ڪندو رهيو
آهيان - ۽ وقت بوقت ممڪن ۽ ڪن معزز ماڻهن کي سمجهائيندو ۽ صلاحون ڏيندو رهيو آهيان
ته جيئن ممڪن هجي سان جماعت جو موجوده نظام هلي رهيو آهي اهو بالڪل ٺيڪ نه آهي مان جماعت جي
ذمه وارن سان ملاقاتون ڪندو رهيو آهيان ۽ پنهنجي دعوت تي ماڻهن سان ڳجهه ۽ غور سان ويچار ڪندو رهيو آهيان
ماڻهن کان انهن جا خيالات ۽ مشورا حاصل ڪندو رهيو آهيان ته ڪيئن جماعت جو ٻيهر اتفاق
۽ محبت ۽ هڪ ٻئي سان همدردي پيدا ڪرائي وڃي - جيئن ته الله تعاليٰ جي عبادت ۽
همدردي محبت ۽ اتفاق هن جماعت جو شروعات کان وٺي اهم اصولن مان هڪ اصول رهيو آهي -
جيڪو هاڻي ڏهن ڏينهن اندر توهان جي دلين ۽ دماغن مان نڪري ويو آهي ۽ وسري ويو آهي - توهان
جي ذهن ۾ هن جماعت جي شروعات کان تاريخ ۽ ڪهاڻي پڙهندا ته انهن کي صاف ظاهر ٿيندو
ته اهو اهو محبت ۽ الله پاڪ جي عبادت ئي هئي جنهن سڄي گوٺ کي ۽ ٻئي ڳوٺن کي
پنهنجي ۽ ميدانن هن درگاهه ۽ جماعت کي هيڏي دٻدٻي شان ۽ شوڪت تي پهچايو آهي -
جيڪڏهن هن ايڪي کي برقرار رکنداسين ۽ منظم رهنداسين ۽ مضبوط طاقت پيدا ڪري سگهنداسين ته اڄ اسان
هيترا سارا جو سنڌ جا ٣٣ سيڪڙو آهيون پنهنجي آواز لفظ قدم کي جاري رکي سگهنداسين
سگهون - اڄ توهان مان ڪجهه نامرادن ماڻهن ۽ جماعت يا درگاهه جي دشمنن سان همدردي ڪري
رکن ٿا انهن کان صلاحون ۽ مشورا وٺن ٿا ۽ انهن جي صلاحن تي مريدن تي ڪري تڪليفون
رسائين ٿا ۽ مريدن جون مخالفتون ڪن ٿا - ۽ جيڪي جماعتي فيصلا ايمانداري ۽ اتفاق
سان ڪيا وڃن ٿا ته انهن کي پاڻ مڃين نه ٿا ۽ پاڻ هائي ڪورٽ وڃي ڇڏيا وڃن ٿا ڪٿي هن
ايڪي سو جيڪو اڳ ته حقيقت ۾ انهن ڪم ڪري ڪري جماعت کي فائدو نه پر نقصان ڏي رهيو
رهيو آهي - توهان جي دشمن وڏي ڪاميابي سان پنهنجي مقرره ۽ سياسي ارادن کي

ڪامياب ڪري ڇڏيا، پنهنجي حياتيءَ جي معرفت توهان سڀني کي پاڻ وٽ رهائي ڇڏيو آهي، توهان
مان روح ڪڍي خالي بوتو بنائي ڇڏيو آهي - جو بوتو نه پاڻ کي ڪم اچي سگهي ٿو ۽ نه ڪنهن ٻئي کي. ان
حالت ۾ جماعت ۽ درگاه جي خيرخواهن جو فرض آهي ته ان بوتي ۾ وري ساڳيو روح انهيءَ جي
ڪوشش ڪري درگاه ۽ جماعت کي وري ساڳئي اوج تي پهچايو وڃي جنهن اوج تان هو ڪري
پيل آهن - هي قدرتي قاعدو آهي ته جيئن هن ڪاٻه گول ۾ ورتي شيءِ پيٽ يا ڌرتي
تي ڏکبي آهي ته اها جيڪا شيءِ مٿي چڙهندي ويندي آهي پوءِ ڪنهن حد تائين
شيءِ کي ڏڪرڻ ۽ ڳهلو ٿوار هيٺ ڪيرائي جيڏهن جيڏي پري تي رهن ته اوس اها شيءِ
هيٺ ڳڙڪڻ شروع ڪندي ۽ جنهن تيزيءَ سان هيٺ ڳڙڪندي ويندي آهي - هن
وقت اها ساڳي حالت هن جماعت ۽ درگاه جي آهي - هن حالت ۾ ڇڪڻ ۽ ڏڪڻ وارا
جماعت جا مکيه عام دعوي ۾ مان جنهنکي ادهان پنهنجي مرشدن جي پڳ پنهنجي هٿن سان
ٻڌي آهي سي پنهنجي غرض [illegible] مکيه
سبب هي آهن ته ڪٿن ممکن ايهو بالڪل وساري ڇڏيو آهي ته الهن جو تعلق ان جماعت
۽ درگاه سان آهي جنهنجو مثال هند سنڌ ۾ نه آهي ۽ انهن انهو سمجهڻ شروع ڪيو
آهي ته اگر هو هن جماعت ۽ درگاه جي ڪمن مان هٿ ڪڍي ويندا ته درگاه ۽ جماعت جو
ڪم هلي نه سگهندو - ايهو جيڪڏهن غلط مڪيه مالهعو پاڻ کي انهن سمجهڻ لڳا آهن - نه
سنڌ ۾ ته اهڙا لوڻ ناياب هستيون آهن جن ڪري ئي جماعت ۽ درگاه جو نظام نالي
مانڙهي رهيو آهي حالانڪ هن پنهنجي سنگتين ۽ پاڙيسرن ۽ بدڪارن نافرمانن جي
پليگ ۾ پنهنجن سنگتين جي گهرن ۾ مٿرن خيالات ۽ بدنظري سان ڏسڻ جون بيماريون
پيدا ڪيون آهن ۳ ته نامردين ۽ جماعت جي دشمن خرچن تي نااتفاق جماعت ۾ پيدا
ڪرڻ ۽ پاڻ ۾ ويڙهائڻ ڪورٽن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ ۽ رشوت وٺڻ

هنن کان زياده قابل هنن کان زياده شريف بيا جماعت ۾ به گهڻيئي آهن - ۽ اهي لائق
۽ شريف ماڻهو جيڪي پير ۽ هنن نالائق ماڻهن جي درگاه جي ڪري عزت ڪن ٿا - ۽ هنن
جي مڪروه ارادن جي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا - ايها منهنجي ذميواري آهي
ته مان پنهنجي زندگيءَ ۾ پانيدي هجي يا وٽي هن جماعت ۽ درگاه جي ڀلائيءَ ۽ بهبوديءَ لاءِ هميشه
ڪوشش ڪندو رهان ۽ وقت بوقت درگاه جي محبن کي اطلاع ڏيندو رهان ته ڪيتري قدر
ڪاميابي ٿيندي رهي آهي ۽ جماعت مان اهڙن لائق ۽ شريف ماڻهن کي اڳتي آڻيان -
جيڪي جماعت ۽ درگاه جي سچي دل سان خدمت ۽ پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪرن ۽ ٻيهري
اُهي جماعت جا اصول پيدا ڪرائين جي اڄ کان ۱۵-۲۰ سال اڳ هيون يعني خدا تعاليٰ
جي ۽ پاڻ ۾ پيار ۽ محبت ۽ اتفاق ۽ درگاه جي فرمانبرداري ۽ قرآن ۽ حديث جي احڪامن
جي پيروي ڪرائين ۽ هو مکيه ماڻهو جيڪي بد انتظامي ۽ بدعملي جا باعث بڻيا آهن
انهن کي پنهنجي مڪانن ۽ جماعتي عهدن کان هٽايو وڃي - اوهان سڀني کي
گهرجي ته اوهان پنهنجيون زندگيون چڱن ڪمن ۾ بسر ڪريو - يعني الله پاڪ جي عبادت ۽
درگاه ۽ جماعت جي خدمت ۽ ملڪ سان وفاداري ۽ ملڪ جي قاعدن ۽ قانونن کي
عزت ڪريو ۽ غير قانوني ۽ غير شرعي ڪمن کان پرهيز ڪريو - اوهان کي گهرجي ته صبح شام
ذڪر ڪريو ۽ پنج وقت نماز پڙهو ۽ روزا رکو ۽ زڪواتون ڏيو - چورين ۽ بدفعلن کان
پرهيز ڪريو - چورن ۽ مڪارن جي صحبت کان پاڻ بچايو - جيسيتائين اوهان منهنجي انهن
نصيحتن ۽ مشورن تي هلندا ۽ جيسيتائين اوهان کي دين ۽ دنيا ۾ ڪوبه خسارو نه ٿيندو -
مان الله پاڪ جي درگاه ۾ دعاگو آهيان ته اوهان سڀني کي متين ۽ ڪلمين تي هلڻ جي
توفيق عطا فرمائي - آمين ثم آمين - السلام عليڪم

A.R.